# 5. ”سچ“

ليکراج عزيز (1897-1970ع) سنڌي شاعرن ۾ معتبر درجو رکي ٿو. هو سنڌي ٻوليءَ کان سواءِ عربي ۽ فارسي ٻولين جو بہ ماهر هو. هو شاعريءَ جو فن اُستاد ڪري مڃيو ويجي ٿو. هن جي رچنائن ۾ ’شاعراڻي شمع‘، ’گلزار عزيز‘، ’آبشار‘ ۽ ’صراحي‘ (ڪوتا سنگرهہ) ۽ ’ادبي آئينو‘ (مضمون سنگرهہ) هن ڪوتا ۾ سچ جي قوت سمجهايل آهي.

واه پيارا! شمس سونهارا،
چمڪن توکان چنڊ ۽ تارا.

ڏينهن جو تنهنجي آءِ حڪومت،
توکان ڀڄي ٿي رات جي ظلمت.

اُس ۾ تنهنجي پوک پچي ٿي،
بک کان دنيا ساري بچي ٿي.

ڏينهن جي دنيا روشن توکان،
لاهين اونده ساري جڳ تان.

برف ڀڳهاري آب ڪرين ٿو،
پاڻيءَ سان جهر جهنگ ڀرين ٿو.

**نوان لفظ :**

آب = پاڻي | ظلمت = ڦهر | شمس = سج | حڪومت = راڄ

## اَڀياس

**سوال ١ - هيٺين سوالن جا جواب هڪ ٻن جملن ۾ لکو :-**


١) رات جي ظلمت ڪيئن ٿي ختم ٿئي؟
٢) دنيا جي بک ڪيئن ٿي دور ٿئي؟
٣) جڳ جي اونده جو وناش ڪيئن ٿئي ٿو؟
٤) جهر جهنگ ۾ پاڻي ڪيئن ٿو ڀرجي؟

**سوال ٢ - هيٺين سوالن جا جواب پنج ڇهہ جملن ۾ لکو :**

١) ليکراج ’عزيز‘ پنهنجي ڪوتا ۾ ’سچ‘ جي ڪهڙي اهميت آهي؟

## پورڪ اَڀياس

I) ڏنل مثال موجب گول پريو :-





II) بيت ۾ دُهرايل لفظ لکو :-

۱) ..................

۲) ..................

۳) ..................

III) ’سج‘ لفظ لاءِ ٻيا لفظ لکو :-



IV) هيٺ ڏنل گفتگوُ پنهنجن لفظن ۾ پوري ڪريو :-

اجيہ : يار وجيہ! ڏينهن آهي شينهن.

وجيہ : پر مونکي تہ رات وڻندي آهي.

اجيہ : ...............................

وجيہ : ...............................

V) ’شهرن جا بدلجندڙ نظارا‘ اِن وشيہ تي مضمون لکو :-

C9H6U9